# ”ڪلچرل باءِ پاس سرجري“

”باءِ پاس سرجري“ دل جي مريضن لاءِ اڄ ڪلهه عام استعمال ٿيندڙ لفظ آهي. باءِ پاس سرجري جو مطلب ڇا آهي؟ جهڙي طرح ڪنهن مکيه رستي تان آمدرفت گهٽائڻ لاءِ وچان ڪو ٻيو رستو يعني باءِ پاس ٺاهبو آهي، ساڳي طرح دل کي رت پهچائڻ وارين نلين ۾ جڏهن چربي يا ڪولسٽرال جمع ٿيڻ تي انهن مان رت جو وهڪرو آسانيءَ سان نه ٿي سگهندو آهي، تڏهن رت ڪٽي ويندڙ مکيه نليءَ ۽ دل جي وچ ۾ ٻيون نليون جوڙي دل جي طرف رت جي وهڻ لاءِ نئون رستو تيار ڪيو ويندو آهي. مکيه رت جي نلي ۽ دل جي وچ ۾ رت ڪٽي وڃڻ لاءِ جيڪي نيون نليون جوڙيون آهن، اهي ٻاهر جون يا هٽرادو نهيل نه هونديون آهن، اهي سرير جي اندر موجود ڪنهن ٻيءَ نليءَ مان (خاص ڪري ٽنگ جي اندران) ٽڪر ڪري ٺاهيون وينديون آهن.

ڪڏهن ڪڏهن سماج ۾ باءِ پاس سرجريءَ جي ضرورت پئجي ويندي آهي. سنڌي سماج جي اڄ جيڪا حالت آهي، ان ۾ ڪيس لاشڪ باءِ پاس سرجري جي ضرورت آهي.

ڀاشا، ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ جو پاڻ ۾ گهرو سنٻنڌ آهي. ڀاشا، ساهتيه سرجڻ جو ساڌن ۽ ساهتيه سنسڪرتيءَ جي سوکيم ڀاونا کي اظهارڻ جو ذريعو آهي. هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ ۾ سنسڪرتي يا تهذيب جي جيڪا ڏي وٺ ٿئي ٿي، ان جو وڏو واهڻ ڀاشا آهي. ان ڪري هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ کي، سنسڪرتيءَ جو ورثو سوئپڻ جو عام رستو آهي ”ڀاشا کان ساهتيه ۽ ساهتيه کان سنسڪرتيءَ جو رستو“

ڪن تاريخي گهٽنائن سبب هندستان ۾ رهندڙ سنڌي سماج لاءِ

تهذيبي ڏي-وٺ جي ان عام رستي ۾ اڄ رڪاوٽ اچي ويئي آهي. هندستان ۾ سنڌي سڄي ملڪ ۾ بين ڪيترن ملڪن ۾ ٻه پکڙجي ويا آهن. جن هنڌن تي سنڌي وسيا آهن، انهن اُتان جي مڪاني ٻولي قبول ڪئي آهي. ان ڪري ڪيترين حالتن ۾ اسان جي نئين پيڙهيءَ جي عام وهنوار جي ٻولي ٻه مڪاني ٻولي ٻڻجي ويئي آهي جيئن گجرات ۾ رهندڙ ڪيترا سنڌي نوجوان عام طور ڳالهائين، ته يوپيءَ ۾ ڳرو هندي ۽ گجراتي ڳالهائين، ته يوپيءَ ۾ ڳرو هندي ۽ ڪرناٽڪ ۾ رهندڙ ڪنڙ جو وهنوار ٿا ڪن. هندي ۽ انگريزي ڀاشائون هونءَ به گهڻو ڪري هر سنڌي ٻار ڪي سکڻيون ئي ٿيون پون. هندستان جي گهڻن ئي هنڌن تي سنڌي پڙهڻ لکڻ جون سهوليتون به ميسر ڪونهن. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌين جو ڪافي وڏو طبقو سنڌي ڀاشا پڙهڻ کان محروم رهجي ٿو وڃي. سنڌي ڀاشا نه پڙهڻ سبب اُنهن جو نه ته پنهنجي پراڻي ساهتيه سان لاڳاپو ٿو پيدا ٿئي، ۽ نه وري سنڌيءَ جي موجوده ساهتيه ۾ انهن جي ڪا حصيداري ٿي رهي. ڀاشا ۽ ساهتيه جي ڄاڻ نه هئڻ سبب اهي ساهتيه جي ذريعي حاصل ٿيندڙ سنڌي سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ ۽ ڀاوناتئن کان محروم رهجي ٿا وڃن ۽ پنهنجي اڻ ڄاڻائي سبب ائين وسهڻ ٿا لڳن ته سنڌين ڪي پنهنجي ڪائي سنسڪرتي ڪانهي ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي نالي واري ڪا شئه ئي ڪانهي. پنهنجي تهذيبي ورثي جي اڻ ڄاڻائي سبب، نئين پيڙهيءَ جي اندر پنهنجي جاتيءَ سان، پنهنجي سنسڪرتيءَ سان لڳاوَ جو ڪو جذبو پيدا نٿو ٿئي. جنهن ڪري هو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ ئي شرم محسوس ڪرڻ ٿا لڳن ۽ پنهنجي سنڌي هئڻ جي سڃاڻپ يا شناخت لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا ٿا رهن.

سوال آهي ته اڄ جڏهن ڀاشا کان ساهتيه ۽ ساهتيه کان سنسڪرتي ڏانهن ويندڙ مکيه رستو ڪيترين حالتن ۾ رڪاوٽ پريو ٻڻجي پيو آهي، تڏهن نئين پيڙهيءَ کي سنڌي سنسڪرتيءَ سان ڪيئن

جوڙجي يعني انهن وٽ سنسڪرتي يا تهذيب جو ورثو ڪهڙي ذريعي پهچائجي؟ ٻين لفظن ۾، سماج ۾ سنسڪرتي جي وهڪري يا ڦهلاءُ لاءِ نئين رستي يا ”باءِ پاس“ جي ضرورت آهي.
سنسڪرتيءَ جي ڏي وٺ لاءِ اهو ”باءِ پاس“ يا نئون رستو به سنسڪرتيءَ مان اندران ئي ڪڍڻو آهي ۽ اهو رستو آهي ”ووڪل ڪلچر“ آوازي سنسڪرتيءَ جو رستو. ووڪل ڪلچر يا آوازي سنسڪرتيءَ جا مکيه روپ آهن، سنگيت، ناٽڪ، نرتيه وغيره. هاڻي جڏهن ڀاشا کان ساهتيه، ۽ ساهتيه کان سنسڪرتيءَ وارو رستو سنڌين جي نئين پيڙهي لاءِ رڪاوٽ پريو ٿي پيو آهي، تڏهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ”ووڪل ڪلچر کان ڪلچر ۽ ڪلچر کان ڀاشا ۽ ساهتيه“ جو نئون رستو استعمال ڪيو وڃي ۽ سنڌين جي نئين پيڙهيءَ کي سنگيت، ناٽڪ، نرتيه وغيره جي دواران سنڌي جاتي ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. هڪ دفعو هنن جو پنهنجي جاتيءَ ۽ سنسڪرتي سان لڳاو پيدا ٿيو ته پوءِ پاڻ ئي سنڌي ٻولي به سکندا ۽ سنڌي ٻولي سکي سنڌي ساهتيه به پڙهندا. اسان مان ڪيترن کي خبر آهي ته ٽئگور جي گيتانجلي پڙهڻ لاءِ گهڻن ئي بينگالي ڀاشا سکي ۽ پريمچند جون ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهڻ لاءِ ڪيترن ماڻهن هنديءَ جو ابياس ڪيو. اُن ڪري اسان کي به اهائي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته سنگيت، ناٽڪ، نرتيه جهڙين ڪلائن سان اسان جي نئين پيڙهيءَ جو ناتو جڙي ۽ انهن دواران انهن ۾ پنهنجي سنسڪرتيءَ جي ساڃاهه پيدا ٿئي.
نئين پيڙهيءَ تائين پنهنجي سنسڪرتيءَ جو ورثو پهچائڻ جو اهو هڪ پڪو پختو رستو آهي. ”اڄ سنڌي سماج کي ڪلچرل باءِ پاس جي ضرورت آهي جنهن تهذيبي چاڻ جي ڌارا هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين بي روڪ وهندي رهي.“